صحيح صورت مدون ۽ مرتب ڪجي ته جيئن ايندڙ نسلن لاءِ اختلاف جي وقت ۾ اهاليت نسند ۽ حجت يا دليل جو ڪم ڏئي سگهي.

# ايثار صديقي

مرحوم علامه اقبال جي هڪ نظم جو ترجمو:-

ڪهڙن ڏينهن رسول پاڪ صحابن کي هو چيو ۔ ڪريو اعانت دين جي امداد مال سان

سڻندي حڪم هيئن مان حضرت عمر اٿيو ۔ تنهن ڏينهن هئا سو هزار درهم ڪيئن هزار

دل ۾ چيائين ته منهنجي ته صديق کان ضرور ۔ اڄ سر منهنجي ساري ته ٿي ويندي قرار

مطلب ته آيو حضرت جن وٽ ڪمائي مال ۔ ڪم جي شروع جو بيشڪ ايثار ئي مدار

فرمايو مرڪي سرور عالم ته اي عمر ۔ ٿيو منهنجي جو شرح ڪان سندم قلب کي قرار

منهنجي عيال ڪان به ڪجھ گهر ڇڏيو اٿئي ۔ يارن ڀيڻين جي حق جو بيٺ آهه تو تي بار

چيائين ته مال جا اڌ يارن جي لئي ڇڏيم ۔ باقي هي ره جو هي ڪريان نصف تو نثار

تيسين ته يار غار به سهڻا پيو اچي اُتي ۔ شاهد جنهين جي مهر وفا تي حرا جو غار

سو مرد با وفا جو ڪئي آيو پاڻ سان ۔ سڀ چيز جنهن تي آهه حياتي جو اعتبار

املاڪ ساري نقدي سامان مال جنس ۔ پانهنجي اُٺ ڍور گهوڙا خچر حمار

سرور پڇيو ته پٺ تي ڇڏئي ٻار عيال لئي ۔ تنهن تي لکو جي سو محبت جو راز دار

